# عورتن جو جماعت سان
# مسجد ۾ تراويح ادا کرڻ


حضرت مولانا مفتي
عبدالرئوف صاحب سکروي مدظله
مترجمه
بنت سائين بخش صاحبه (کندو)
معلّمه
دارالعلوم الاسلاميه هالاجديد


www.sukkurvi.com



مکتبة الاسلام کراچي

# عورتن جو جماعت سان مسجد ۾ تراويح ادا ڪرڻ

حضرت مولانا مفتي

عَبدُالرَّؤف صاحب سکروي مدظلہ

مترجمه

بنت سائين بخش صاحب (ڪنڌو)

www.sukkurvi.com

مَکتبة الاِسلام ڪراچي

كتاب جو نالو: عورتن جو جماعت سان
مسجد ۾ تراويح ادا ڪرڻ

مصنف: حضرت مولانامفتي عبدالرؤف
صاحب سکروي مدظله

مترجم: بنت سائين بخش صاحب (ڪنڊو)

سن اشاعت: يڪم رمضان 1442ھ مطابق 14 اپريل 2021ع

ناشر: شعبہ نشر و اشاعت
مڪتبة الاسلام ڪراچي

موبائل نمبر: 03331284602
03003041493

ڇپيندڙ: سروري پرنٽنگ ايجنسي، بک بائينڊنگ هالا
موبائل نمبر: 03332851185

www.sukkurvi.com

# ٻه اکر

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اما بعد! فقيه العصر حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف صاحب مد ظله العالي مفتي جامعه دارالعلوم ڪراچي جي قلم مبارڪ سان سوين قيمتي ڪتاب ۽ رسالا ۽ مضامين تيار ٿي زيور طبع سان آراسته ٿي قبوليت تامه حاصل ڪري چڪا آهن. انهن مان ڪي قابل قدر سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڇپجي چڪا آهن انهن ڪتابن مان هڪ ڪتابڙو

**”عورتوں کا جماعت سے مسجد میں تراویح ادا کرنا“**

آهي. جنهن ۾ حقيقت ۾ ڪجهه سوالن جا جواب آهن. چنانچه اڄ جي دور ۾ عورتن جو نمازِ تراويح کي جماعت سان ادا ڪرڻ عام جام ٿي ويو آهي. جڏهن ته عورتن کي فرض نماز ۾ به مسجد ۾ اچڻ جي اجازت ناهي. بلڪ انهن جي لاءِ گهر ۾ به اندرين ڪمري ۾ نماز ادا ڪرڻ جي حديثن ۾ گهڻي رغبت ڏياري وئي آهي. انهيءَ ڪري ضروري هو ته انهيءَ مسئلي ۾ امت جي مائرن ۽ ڀينرن جو توجه ڇڪايو وڃي. انهيءَ ڪري ضرورت محسوس ڪئي وئي ته حضرت مفتي صاحب جن جي هن مفيد ڪتاب جو

www.sukkurvi.com

ترجمو سنڌي سبا جهڙي ٻولي ۾ ٿئي. چنانچه هن ڪتاب جي ترجمي جي سعادت حاصل ڪئي آهي جامعه دارالعلوم الاسلاميه هالا جي معلم بنتِ سائين بخش صاحبه ڪنڊو.

۽ هن عاجز هن ڪتابڙي جي نوڪ پلڪ سنواري آهي. دل و جان سان ڏٿيءَ در دُعا آهي تہ هن ترجمي کي حضرت مفتي صاحب دامت برڪاتهم لاءِ ۽ ترجمي ڪندڙ لاءِ صدقہ جاريہ بڻائي ۽ خلقِ خدا کي فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.

محمد خالد ميمڻ هالوي

مقيم دارالعلوم الاسلاميه هالا

يوم الخميس ۳ شعبان المعظم ۱۴۳۲ھ

www.sukkurvi.com

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**سوال نمبر1:** بخدمت اقدس جناب محترم و مڪرم حضرت مولانا مفتي عبدالرئوف سکروي دامت برڪاتهم

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته!

الله تعاليٰ توهان جي عمر ۾ تندرستي ۽ عافيت سان برڪت عطا ڪري.انهيءَ ڪريم ذات توهان بزرگن کي حق کي حق ۽ باطل کي باطل ثابت ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي، ڪوبه موقعو توهان بزرگن هن امت جي اصلاح جو ناهي ڇڏيو. ۽ هرحال ۾ هن امت جي رهنمائي ڪئي آهي. انهن مڙني موقعن مان هڪ موقعو ويجهو اچي رهيو آهي جنهن ۾ تقريرًا تحريرًا توهان جي رهنمائي ۽ رهبري جي سخت ضرورت آهي ۽ مڙني مسجدن جي امامن ۽ خطيبن کي به متوجه ڪرڻ جي ضرورت آهي. الله پاڪ توهان کي وڏي پيماني تي دين کي عام ۽ جام ڪرڻ لاءِ قبول ڪري ۽ توهان جي ذريعي امت کي گمراهيءَ ۽ ضلالت کان بچائي. (آمين) اهو موقعو هي آهي ته هر سال سَوَن جي تعداد ۾ ٻار قرآن جا حافظ ٿي رهيا آهن (الحمدلله) ۽ مسجدون ٿوريون آهن. والدين جي خواهش هوندي آهي ته اسان جو ٻچو مسجد نه ملڻ ڪري گهر ئي ۾ تراويح ۾ قرآن ڪريم ٻڌائي، ان ۾ پاڙي جي دوستن، پاڙي وارن، رشتيدارن ۽ عورتن کي دعوت ڏني ويندي آهي. پردي جي اهميت نه هجڻ ڪري گهٽين جاين تي بي پردگي به ڏسڻ ۾ ايندي آهي،

www.sukkurvi.com

جڏهن تہ مڪمل پردي جو انتظام هجڻ جي باوجود عورتن جو پنهنجي گهرن ۾ الڳ الڳ ويهہ رڪعتون تراويح جو پڙهڻ ۽ گهر کان ٻاهر نہ وڃڻ ئي افضل آهي جيتوڻيڪ حرم شريف جهڙي پاڪيزه ۽ بابرڪت جاءِ ڇونہ هجي.

اسان جنهن پاڙي ۾ رهون ٿا اهو آدم جي نگر، محمد علي سوسائٽي جو علاقو آهي، جنهن ۾ ڪئي مسجدون آهن ۽ هر مسجد جي ويجهو ٻن چئن جاين تي ڏهن، ٻارهن ڏينهن ۾ قرآن ڪريم جي ختم جو انتظام هوندو آهي. جت مرد ۽ عورتون تراويح پڙهنديون آهن. هن فتنن جي دور ۾ هيءَ سلسلو هر سال وڌندو نظر اچي رهيو آهي. ان لاءِ تفصيل ۽ دليلن سان فتوىٰ لکڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کي سيئي رسالن جا ذريعا استعمال ڪري گهٽين ۾ گهڻو عام ڪرڻ جي ضرورت آهي. تان تہ عورتون جماعت سان تراويح ادا ڪرڻ لاءِ گهرن مان نہ نڪرن، ۽ گهرن ئي ۾ تراويح ادا ڪرڻ جو اهتمام ڪن. ان شآءَ الله آهستي آهستي ان ۾ ڪمي ايندي ويندي. ورنہ هينئر هيءَ بدعت پڪڙجي رهي آهي جنهن ۾ فساد ۽ خرابيون گهڻيون آهن. جواب مناسب لفظن ۾ توهان پاڻ ئي لکو. الله پاڪ توهان کي جزاء خير عطا فرمائي. آمين. ڪجهہ سوال اڳيان بہ اچي رهيا آهن. انهن جا جواب بہ مطلوب آهن.

از

محمد زڪريا (آدم جي۔ نگر ڪراچي)

www.sukkurvi.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## الجواب حامدًا و مصليًا

هن فتني ۽ فساد جي دور ۾ عورتن جو گهرن مان نڪري فرض نماز ۽ تراويح جي نماز ۽ عيد جي نماز. مردن سان گڏجي جماعت سان ادا ڪرڻ لاءِ مسجد ۽ عيدگاهه ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت ناهي بلڪ مڪروه ۽ منع آهي. ان ڪري رمضان المبارڪ ۾ ڪجهه سالن کان تراويح ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مسجدن ۾ اچڻ جو جيڪو طريقو عورتن ۾ رائج ٿي ويو آهي. اهو درست ناهي. مسجدن جي انتظاميه کي اهڙو انتظام نه ڪرڻ گهرجي. امامن ۽ خطيبن کي ان کان منع ڪرڻ گهرجي. ۽ عورتن کي مسجدن ۾ اچي تراويح ادا ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. انهن کي گهرجي ته ٻين نمازن وانگر تراويح به پنهنجي گهر ادا ڪن. اِهوئي انهن لاءِ بهتر آهي. جيئن ڪين حديثن مان معلوم ٿيندو. رهي اها ڳالهه ته نبي پاڪ ﷺ جي دور ۾ عورتون مسجد نبوي ۾ وڃي نماز ادا ڪنديون هيون. هاڻ اِن کان روڪيو ٿو وڃي ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ان جو سبب هيءُ آهي ته حضور ﷺ جن جو دور تمام پاڪيزه ۽ خير جو دور هو. فتنن کان محفوظ دور هو. حضور پاڪ ﷺ خود موجود هئا. وحي نازل ٿيندي هئي. نوان نوان حڪمَ نازل ٿيندا هئا. نوان مسلمان هئا.

www.sukkurvi.com

نماز ۽ روزي جا احڪام ۽ مسائل سکڻ جي ضرورت هئي ۽ سڀ کان وڌيڪ حضور پاڪ ﷺ جي پويان نماز ادا ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيندو هو. انهن سببن ڪري عورتن کي مسجدن ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت هئي. پر انهن سڀني سببن هوندي بہ حضور پاڪ ﷺ جن عورتن کي پنهنجن گهرن ۾ نماز پڙهڻ کي بهتر قرار ڏنو ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ جو ستاويهن نمازن جو ثواب، مسجد نبوي ۾ پڙهڻ تي پنجاهہ هزار نمازن جو ثواب ۽ حضور پاڪ ﷺ جن جي پويان نماز پڙهڻ جي عظيم سعادت جي باوجود عورتن جي لاءِ گهرن جي اندر جي ڪمرن ڪوٺين ۾ نماز کي مسجد ۾ جماعت سان پڙهڻ جي مقابلي ۾ بهتر قرار ڏنو جيئن حضرت ام سلمہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ

عن رسول الله ﷺ قال خير مساجد النساء قعر بيوتهن (رواه احمد، و الطبراني فى الكبير وقال الحاكم صحيح الاسناد. الترغيب و الترهيب: (۱/۲۲٦))

ترجمو:- رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ عورتن جي سڀ کان بهترين مسجد انهن جي گهرن جو اندريون حصو آهي.

حضرت ام سلمہ رضي الله عنها کان بي روايت آهي تہ

قال رسول الله ﷺ صلاة المرأة فى بيتها خير من صلاتها فى حجرتها و صلاتها فى حجرتها خير من صلاتها فى

www.sukkurvi.com

دارها صلاتها في دارها خير من صلاتها في مسجد قومها (رواه الطبراني في الاوسط باسناد جيد. الترغيب والترهيب: (۱/۲۲٦))

ترجمو:- حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو ته عورت جي اها نماز جيڪا ان جي ڪمري ۾ آهي ان نماز کان بهتر آهي جيڪا ورانڊي ۾ هجي، ۽ ان جي اها نماز جيڪا ورانڊي ۾ هجي ان نماز کان بهتر آهي جيڪا گهر جي اڱڻ ۾ آهي. ۽ ان جي اها نماز جيڪا گهر جي اڱڻ ۾ آهي ان نماز کان بهتر آهي جيڪا ان جي قبيلي (پاڙي) جي مسجد ۾ هجي.

هڪ روايت ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو ته

ما صلت امرأة من صلاة احب الى الله من اشد مكان في بيتها ظلمة (رواه الطبراني: الترغيب والترهيب: (۱/۲۲۷))

ترجمو:- عورت جي سڀ کان وڌيڪ پسنديده نماز الله تعالىٰ وٽ اها آهي جيڪا هُن پنهنجي گهر جي گهٽي اونداهه واري ڪمري ۾ پڙهي هجي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه جي روايت آهي ته

قال رسول الله ﷺ لاتمنعوا نسآئكم المساجد و بيوتهن خير لهن (رواه ابو داؤد. الترغيب والترهيب: (۱/۲۲۷))

ترجمو:- رسول پاڪ ﷺ جن فرمايو ته عورتن کي مسجد ۾ وڃڻ کان نه روڪيو. انهن جو گهر انهن لاءِ (مسجد کان) بهتر آهي.

www.sukkurvi.com

نماز جيڪا گهر جي چارديواريءَ جي اندر آهي. ان نماز ڪان بهتر آهي جيڪا پاڙي جي مسجد ۾ هجي. ۽ تنهنجي اها نماز جيڪا پاڙي جي مسجد ۾ آهي ان نماز ڪان بهتر آهي جيڪا منهنجي مسجد (مسجد نبوي) ۾ هجي. ان ڪري (حضرت ام حميدؓ) درخواست ڪري پنهنجي ڪمري جي ڪنڊ ۾ جتي سڀ کان وڌيڪ اونده هوندي هئي نماز پڙهڻ جي لاءِ جاءِ ٺهرائي، اتي ئي نماز پڙهندي هئي. ايستائين جو ان جي وفات ٿي وئي.

هنن روايتن مان چند ڳالهيون ثابت ٿيون.

١) حضورپاڪ ﷺ جي دور ۾ عورتن کي جماعت ۾ حاضر ٿيڻ جو تاڪيد نہ هئو.

٢) عورتن جو مسجد ۾ اچڻ صرف جائز هو. ڪا فضيلت يا سنت يا مستحب حڪم نہ هو.

٣) رخصت ۽ اجازت جي باوجود بہ حضورپاڪ ﷺ جو ارشاد ۽ تعليم انهن جي لاءِ اها هئي تہ هو پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهن ۽ ان جي ترغيب ڏيندا هئا ۽ فضيلت بيان ڪندا هئا.

٤) (حضرت ام حميدؓ شوق ۽ محبت هوندي حضور پاڪ ﷺ جن جي ترغيب تي عمل ڪرڻ جي غرض سان حضور پاڪ ﷺ جن جي پويان مسجد نبوي ۾ نماز ڇڏي ڏني ۽ سڄي زندگي پنهنجي ڪمري جي اندر ئي نماز پڙهندي رهي ۽ اها ئي عين پيروي آهي.

www.sukkurvi.com

وري مسجد ۾ عورتن کي اچڻ جي اجازت بہ هنن شرطن سان هئي تہ عورتون بناءُ سينگار ڪري عمدو لباس پائي، خوشبو لڳائي آواز وارو زيور پائي نہ اچن. شرعي پردي جي پابندي لازمي ٿي هئي. جيئن تہ هيٺ لکيل حديثن مان انهن شرطن جو ثبوت ملي ٿو پر اڄ ڪلهہ انهن شرطن جي بالڪل ئي پابندي ناهي.

حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ

بينما رسول اللهﷺ جالس في المسجد اذ دخلت امرأة من مزينة ترفل في زينة لها في المسجد فقال النبيﷺ يآ ايها الناس انهوا نسآئكم عن لبسة الزينة و التبختر في المسجد. فان بني اسرائيل لم يلعنوا حتى لبس نساءهم الزينة و تبختون في المساجد (ابن ماجه باب فتنة النساء ص ٢٨٨)

ترجمو:- هڪ دفعي مسجد ۾ نبي پاڪ ﷺ جن ويٺا هئا ايتري ۾ قبيلہ مزينہ جي هڪ عورت زيب و زينت وارو لباس پائي وڏائيءَ سان مسجد ۾ آئي. حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ اي انسانو! پنهنجي عورتن کي زيب و زينت وارو لباس پائڻ کان ۽ مسجد ۾ وڏائي سان اچڻ کان روڪي ڇڏيو. ڇو تہ بني اسرائيل تي ان ڪري لعنت ڪئي وئي جو سندن عورتن زيب و زينت وارو لباس پاتو. ۽ مسجد ۾ وڏائي ڪرڻ شروع ڪئي.

حضرت زينب رضي الله عنها کان روايت آهي تہ



www.sukkurvi.com

كانت تحدث عن رسول الله ﷺ اذا شهدت احدا كن العشاء فلا تطيب تلك الليلة.

ترجمو:- حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو ته جڏهن توهان مان ڪا عورت عشاء جي نماز ۾ حاضر ٿئي ته ان رات خوشبو نه لڳائي. (رواه مسلم ١-١٨٣)

انهن جي هي روايت ۾ آهي ته

عن النبي ﷺ اذا شهدت احدا كن العشاء فلا تمس طيباً. (رواه مسلم. مشكوٰة المصابيح ص ٩٢)

ترجمون:- حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو ته جڏهن توهان مان ڪا عورت عشاء جي نماز ۾ حاضر ٿئي ته خوشبو نه لڳائي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته

ان رسول الله ﷺ قال لا تمنعوا اماء الله مساجد الله ولكن لتخرجن وهن تفلات. (رواه ابوداؤد ١-٩١)

ترجمو:- رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته توهان الله جي ٻانهين کي مسجد ۾ اچڻ کان نه روڪيو پر اهڙي حالت ۾ وڃن جو هو ميريون ڳريون هجن، خوشبوء لڳل نه هجن.

هنن حديثن مان هيءَ ڳالهه پڌري ٿيءَ پئي معلوم ٿي ته عورتن کي مسجد ۾ اچڻ جي جيڪا اجازت هئي انهن شرطن سان هئي، فتنو ظاهر ٿيڻ کان پهرين هئي، وري ان ڳالهه جو به

www.sukkurvi.com

لحاظ رکيو ويندو هو تہ نماز ختم ٿيڻ کان پوءِ مردن جي اٿڻ کان اڳ ئي عورتون اٿي هليون ويندڙيون هيون ۽ ان کري باقاعده حضور پاک ﷺ ۽ صحابہ کرام رضوان الله عليهم اجمعين پنهنجي جاين تي ويٺا رهندا هئا تہ جيئن گڏ اٿڻ سان مردن ۽ عورتن جو ميلاپ ۽ اختلاط نہ ٿئي جيئن تہ بخاري شريف جي روايت آهي تہ:

ان النسآء فی عهد رسول اللهﷺ کن اذا سلمن من المکتوبة قمن. و ثبت رسول اللهﷺ و من صلی من الرجال ما شآء الله. فاذا قام رسول اللهﷺ قام الرجال (الصحيح للامام البخاري ١-١١٩)

ترجمون:- حضور پاکﷺ جن جي دور ۾ عورتون جڏهن فرض نماز جو سلام ورائينديون هيون تہ اٿي هلي ونديون هيون (يعني گهرن ڏي هلي وينديون هيون) يعني رسول پاکﷺ ۽ باقي نمازي (صحابہ کرامؓ) ويٺا رهندا هئا. وري جڏهن رسول اللهﷺ اٿندا هئا تہ ماڻهو بہ اٿندا هئا.

هڪ ٻي روايت ۾ حضرت ام سلمیٰ رضي الله عنها فرمايو تہ:

کان رسول اللهﷺ اذا سلم مکث قليلا. و کانوا يرون ان ذالك کيما ينفذ النسآء قبل الرجال اه .(سنن ابي داؤد ١-١٨٣)

ترجمون:- رسول پاکﷺ جن جڏهن سلام ورائيندا هئا تہ ڪجهہ وقت رکندا هئا ۽ صحابہ کرامؓ سمجهندا هئا تہ



www.sukkurvi.com

(رکجڻ) ان لاءِ هوندو هو تہ عورتون مردن کان پهرين هيلون وڃن. علامہ ابن حجرؒ هن حديث جي تشريح ۾ فرمايو تہ:

والحديث فيه انه يستحب للامام مراعاة احوال الماموين والاحتياط فى الاجتناب ما قد يفضى الى المحذور و اجتناب مواقع التهم و كراهة مخالطة الرجال و النسآء فى الطرقات فضلا من البيوت.(فتح الباري ٢/٣٣٦ و يلاحظ ايضا عون المعبود و بذل المجهود٢/١٥٦)

ترجمون: حديث جي روءِ سان امام کي مقتدين جي حالتن جي رعايت ڪرڻ مستحب آهي ۽ خرابي پيدا ٿيندڙ معاملن کان احتياط ڪرڻ کپي. ۽ تهمت جي واقعن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي ۽ (ان حديث مان هي به معلوم ٿيو تہ مردن ۽ عورتن جو رستن ۾ اختلاط مکروه آهي.)

جڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه سڳورن جي دور ۾ عورتن جي آزادي ۽ بي احتياطي ظاهر ٿيڻ لڳي ۽ فتنن جو خدشو ٿيو تہ اميرالمؤمنين حڪم جاري ڪيو تہ هاڻ توهان عورتون مسجد ۾ نہ اينديون ڪريو.

جيئن علامہ ڪاسانيؒ فرمايو تہ:

ولايباح للشواب منهن الخروج الى الجماعات بدليل ما روى عن عمر رضي الله عنه ان نهى الشوارب عن الخروج ولأن خروجهن الى الجماعة سبب الفتنة و الفتنة حرام و ما اذى الى الحرام فهو حرام



www.sukkurvi.com

لو ادرك رسول الله ﷺ ما احدث النسآء لمنعهن المسجد كما منعت نسآء بنو اسرائيل.

ترجمو:- جيڪڏهن رسول ڪريم ﷺ هيءَ حالت ڏسن ها جيڪا هاڻ اختيار ڪئي آهي ته انهن کي مسجد ۾ اچڻ کان ضرور روڪي ڇڏين ها. جهڙيءَ طرح بني اسرائيل جون عورتون روڪيون ويون هيون.

هنن سڀني روايتن مان هيءَ ڳالهه پڌري ٿي وئي ته رسول پاڪ ﷺ جن جيئي دور ۾ حضور پاڪ ﷺ جن عورتن کي گهر ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب ڏني ۽ انهيءَ جي فضيلت بيان ڪئي.

البته عورتن کي مسجدن ۾ اچڻ جي مشروط اجازت هئي پر سندن زماني کان پوءِ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي سامهون حالت تبديل ٿي وئي ۽ فتنو ۽ فساد بي حيائي شروع ٿي وئي ته خود صحابه ڪرام رضي الله عنهم عورتن کي مسجد ۾ اچڻ کان منع ڪرڻ شروع ڪيو ان ڪري علماء احناف رحمهم الله تعالىٰ فرمايو ته عورتن لاءِ هاڻ اجازت ناهي ته هو جماعتن ۾ حاضر ٿين. بلڪ انهن جو گهرن ۾ نماز پڙهڻ حضور پاڪ ﷺ جي زماني ۾ افضل ۽ بهتر هو ۽ هاڻ گهرن ۾ ئي پڙهڻ لازمي ۽ ضروري آهي.

علامه بدرالدين عينيؒ. حضرت عائشه رضي الله عنها جي مذڪوره روايت جي تحت فرمايو:

www.sukkurvi.com

عورتن جي بيحيائي ۽ بي احتياطي جي انتهاء تي وئي آهي. پردو جيڪو قرآن جو اهم حڪم هو اُهو ئي رخصت تي ويو آهي. ۽ ان جي جاءِ تي طرحين طرحين فيشن وارا لباس اچي ويا آهن. اهڙي پُر فتن دور ۾ عورتن کي مسجد ۽ عيدگاهه ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ اچڻ جي اجازت ڏيڻ حضورپاڪ ﷺ جي بابرڪت دور جي دليل سان ثابت ڪرڻ درست ناهي.

هاڻ قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فقيهن سڳورنؒ جا اقوال ملاحظ ڪريو جن مان صاف صاف مسجد جي جماعتن ۾ عورتن جو شريڪ ٿيڻ ناجائز معلوم ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ تراويح جي نماز به شامل آهي.

في الدر المختار (١/٥٦٦) و يكره حضورهن الجماعة ولو بجمعة و عيد و وعظ مطلقاً و لو عجوز اليلا. على المذهب المفتى به لفساد الزمان.

في البحر الرائق (١/٣٥٨) ولا يحضرن الجماعات لقوله تعالى وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ ة وقال ﷺ صلاتها في قعر بيتها افضل من صلاتها في صحن دارها و صلاتها في صحن دارها افضل من صلاتها في مسجدها و بيوتهن خير من لهن. و لانه لا يؤمن الفتنة من خروجهن اطلقه فشمل الشابة و العجوز. والصلاة النهارية و الليلة. قال المصنف في الكافي الفتوىٰ اليوم على الكراهة في الصلاة كلها لظهور الفساد الخ اهج.

www.sukkurvi.com

و فی فتح القدیر (۱/۳۱۷) و یکرہ لھن حضور الجماعات و اعلم انہ صح عنہ ﷺ انہ قال لا تمنعوا اماء اللہ مساجد اللہ. و قولہ اذا استأذنت احدکم امرأتہ الی المسجد فلا یمنعھا. و العلماء خصوہ بامور منصوص علیھا و مقیسۃ فمن الاول ما صح انہ ﷺ قال ایما امرأۃ اصابت بخورا فلا تشھد معنا العشاء و کونہ لیلا فی بعض الطرق. فی مسلم لاتمنعوا النساء من الخروج الی المساجد الا باللیل. و الثانی حسن الملابس و مزاحمۃ الرجال. لأن اخراج الطیب لتحریکۃ الداعیۃ. فلما فقد الآن منھن ھذا. لأنھن یتکلفن للخروج ما لم یکن علیہ فی المنزل منعن مطلقاً ۵۱.

و فی الھندیۃ (۱/۸۹) و الفتوی الیوم علی الکراھۃ فی کل الصلوات لظھور الفساد کذا فی الکافی و ھو المختار کذا فی التبیین. ھج

(هيستائين جواب جو اڪثر حصو مولانا محمد يعقوب صاحب جي فتوئ ۶۹-۴۲۷ مان ورتل آهي.)

## خُلاصو:

هنن تمام تصريحات جو حاصل هي؛ آهي تہ عورتن کي فرض نماز. تراويح جي نماز ۽ عيد ۽ بقره عيد جي نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ يا عيدگاه ۾ حاضر ٿيڻ مڪروه تحريمي آهي يعني ناجائز آهي. ان لاءِ عورتن کي مسجدن ۾ حاضر ٿيڻ کان اجتناب ڪرڻ گهرجي.



www.sukkurvi.com

مسجدن جا امام ۽ خطيب نرميءَ سان مسلمانن کي هيءُ مسئلو سمجهائين ۽ مسجد جي جماعتن ۾ عورتن کي اچڻ کان پاسو ڪرڻ ڪهي. عورتون مڙئي نمازون فرض هجن يا نفل يا تراويح سڀ پنهنجن گهرن ۾ بلڪ گهرن جي اندرين حصن ۾ ادا ڪن. اهوئي انهن لاءِ افضل ۽ بهتر آهي. ان ۾ ئي فتنن ۽ ٻين گناهن کان عافيت ۽ سلامتي آهي. ۽ اهوئي سڌو سئون رستو آهي. مڪ مڪرم ۽ مديني منوره ۾ به مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي ۾ عورتن جي لاءِ نمازون ادا ڪرڻ جو اهوئي حڪم آهي. جيئن تفصيل سان مٿي گذريو.

## ڪنهن جي گهر ۾ تراويح لاءِ وڃڻ

### سوال نمبر2:

منهنجي والده پوڙهي آهي محتاجِ خدمت آهي منهنجون پيئرون وغيره پهرين ان جي خدمت سان گڏ تراويح گهر ۾ پڙهنديون هيون. هاڻي محلي جي مسجد ۾ ڏهن ڏينهن ۾ قرآن ڪريم تراويح ۾ ختم ڪيو ويندو آهي. جنهن جي ڪري والده جي خدمت متاثر ٿي وئي آهي شرعًا ڇا حڪم آهي؟

### سوال نمبر3:

منهنجي گهرواري پاڙي جي عورتن سان گڏ ويجهي محلي ۾ رات جي وقت تراويح جماعت سان پڙهڻ جي لاءِ



www.sukkurvi.com

وچڻ چاهي ٿي ۽ ات پندرهن راتين ۾ ختم قرآن ڪريم ٿيندو آهي ڇا شرعًا ان جي اجازت آهي؟ جڏهن تہ فتني جو زمانو آهي ۽ آئون خود مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويندو آهيان ان جي اچڻ وڃڻ ۾ ان سان گڏ نئو وڃي سگهان.

## سوال نمبر4:

منهنجي والده پوڙهي آهي، پاڙي ۾ قرآن ڪريم جماعت سان تراويح ۾ پڙهڻ لاءِ ويندي هئي، رات جو دير سان اچڻ ڪري صبح جو سحري ۾ اٿڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي ۽ ٻارن جي معاملن جو نظام درهم برهم ٿي ويندو هو، هو ننڊ جي ڪري ڏاڍيءَ وقت سمهي رهندا هئا. تراويح کان پوءِ انهن کي اُٿان اٿاري ڪري آٿڻ مشڪل ڪم آهي، وري صبح جو انهن جو اسڪول ۽ مدرسي جو نظام متاثر ٿي ويندو آهي، اهڙي صورت ۾ ڇا عورتن کي گهرن ۾ تراويح پڙهڻ افضل آهي يا مسجد وغيره ۾ وڃي ڪري باجماعت تراويح پڙهڻ افضل آهي؟ جڏهن تہ واپسي تي هر مرد هر نڪرڻ واري عورت کي غور سان ڏسندو آهي تہ شايد اهائي منهنجي گهرواري هجي.

## جواب ٢ تا ٥

جيئن مٿي تفصيل سان لکيو ويو آهي تہ عورتن کي تراويح جي جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مسجد ۾ اچڻ جي اجازت ناهي تنهن ڪري هنن سڀني صورتن ۾ توهان جي گهرواري،

www.sukkurvi.com

ڏيءُ ۽ والده کي گهر ۾ ئي تراويح جي نماز ادا ڪرڻ گهرجي. مسجد ۾ تراويح جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ هرگز نه وڃڻ گهرجي، خاص ڪري جڏهن ته هن ۾ اهي خرابيون ۽ فساد به موجود آهن، جن جو اوهان پنهنجي سوال ۾ ذڪر ڪيو آهي. ۽ تنهن ڪري گهر ۾ تراويح ادا ڪرڻ انهن لاءِ هر حال ۾ افضل ۽ بهتر آهي.

## تراويح جو مخلوط اجتماع

### سوال نمبر 6:

اسان جي رشتيدارن جي گهرن ۾ ڏهن راتين ۾ تراويح باجماعت ٿيندي آهي جنهن ۾ عورتن لاءِ عليحده جاءِ جو انتظام آهي. پر مردن ۽ عورتن جي درميان قنات يا پردو نه هوندو آهي ۽ عورتون شرعي پردي جو اهتمام نه ڪنديون آهن، بالڪل بي پرده هونديون آهن، ڇوته عام خيال آهي سڀ مسلمان عورتون ۽ مرد ڀاءُ ڀيڻ آهن ورڻي هوندا به رشتيدار آهن ڇا پردو لڳائي ڪري جماعت سان تراويح ادا ڪرڻ ضروري آهي؟

### جواب:

تراويح جي نماز ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن مائٽ وٽ وڃڻ ۽ جماعت سان تراويح ادا ڪرڻ درست ناهي جيئن مٿي لکيو ويو آهي. ۽ عورتن جو گهر مان بي پرده نڪرڻ



www.sukkurvi.com

ناسحرم مردن سان اختلاط ڪرڻ توڙي ملڻ ٿي هجن بالڪل جائز ناهي، وڏو گناهه آهي. وري تراويح جي نماز ۾ نامحرم مردن جي پوين بي پرده بيهڻ اهان به وڌيڪ قبيح ۽ بُرو آهي جنهن کان بچڻ لازمي آهي.

## تراويح ۾ عورتن جي جماعت

### سوال:

تراويح ۾ عورتن جي جماعت ڪيئن آهي؟ جڏهن ته امام به عورت هجي، ۽ مقتدي به عورت هجي. اهڙي طرح جيڪا عورت حافظ قرآن هجي ۽ تراويح ۾ پڙهائڻ بنا ان جو قرآن ڪريم حفظ نه رهي سگهندو هجي، وسرڻ جو انديشو هجي ته ڇا اهري حافظ عورت گهر جي اندر عورتن جي جماعت ۾ تراويح ۾ قرآن ڪريم پڙهائي سگهي ٿي يا نه؟

### جواب:

عورتن جي جماعت بابت اصل حڪم اهوئي آهي ته خود انهن جي جماعت به ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي. چاهي تراويح ۾ هجي، ان لاءِ عورتن کي تراويح ۽ وتر جي نماز بغير جماعت جي الڳ الڳ پڙهڻ گهرجي. البته جيڪا عورت قرآن ڪريم جي حافظ هجي ۽ تراويح ۾ پڙهائڻ بنا حفظ رکڻ مشڪل هجي ۽ وسرڻ جو سخت انديشو هجي ته اهڙي

www.sukkurvi.com

صورت ۾ عورتن جي جماعتِ تراويح ۾ حافظ عورت کي قرآن ڪريم ٻڌائڻ جي ڪاٻه تصريح ڪنهن مستند ڪتاب ۾ نه ملي، پر سيدي مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد شفيع صاحب بلاتداعي (بغير اعلان جي) صرف گهر جي عورتن کي حافظ عورت جي قرآن ڪريم جي ياداشت محفوظ رکڻ جي غرض سان هن شرط سان اجازت ڏيندا هئا ته حافظ عورت جو آواز گهر کان ٻاهر نه وڃي ۽ تداعيءَ کان پرهيز ڪيو وڃي. تداعيءَ کان پرهيز جو مطلب هيءُ آهي ته ان جي اندر ۾ ڳالهيون هجن. هڪ: ته ان جي لاءِ باقاعده اهتمام ڪري عورتن کي گهر ۾ نه گهرايو وڃي. ٻئي ته اگرچه اهتمام سان عورتن کي گهرايو نه وڃي پر پيروي ۽ اقتداء ڪرڻ وارن عورتن جو تعداد امام عورت کان علاوه ٻن يا ٽن عورتن کان وڌيڪ نه هجي. حضرت مفتي اعظمؒ جي هن اجازت جي تائيد هيٺين تصريحات سان ٿئي ٿي، بلڪ آخري تصريح مان معلوم ٿئي ٿو ته حافظ عورت جي صرف هڪڙي عورت مقتدي هجي ۽ ٻئي برابر بيهن ته ان ۾ ڪاٻه ڪراهت ناهي.

(و فى خلاصة الفتاوىٰ. إمامة المرأة للنسآء جائزة إلا صلاتهن فرادىٰ افضل ص۱۴۷ جلد۱)

(قوله و يكره تحريما جماعة النسآء لأن الامام ان تقدمت لزم زيارة الكشف و ان وقفت وسط الصف ترك المقام



www.sukkurvi.com

مقامه و كل منهما مكروه كما في العناية و هذا يقتضي عدم الكراهة لو اقتدت واحدة محاذية لفقد الامرين) (طحطاوي علي الدر ص۲۴۵جلدا تبويب ۳۵۷-۳۸ الف) و الله اعلم

## مسجد الحرام ۽ مسجد نبويءَ جي جماعت ۾ عورتن جي شرڪت جو حڪم

### سوال:

جيڪي عورتون حج ڪرڻ يا عمرو ڪرڻ وينديون آهن، اهي مڪه مڪرمه ۽ مديني منوره ۾ پهچي ڪري عموماً پنجئي نمازون، جمعي جي نماز ۽ رمضان المبارڪ ۾ تراويح جي نماز باجماعت ادا ڪرڻ ضروري سمجهنديون آهن. ان لاءِ مردن وانگر هو به سڀ نمازون مسجد ۾ وڃي ڪري پابنديءَ سان ادا ڪنديون آهن ۽ ان کي حج ۽ عمري جو حصو سمجهنديون آهن توڙي ڪيتري به رش ڇو نه هجي ۽ اچڻ ۽ وڃڻ ۾ ڪيتري ئي تڪليف هجي. پڻ مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي ۾ عورتن جي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ ۾ هيٺيون خرابيون به آهن:

1) عورتن سان گڏ اڪثر نابالغ ٻار هوندا آهن. اهي مسجد ۾ ڪيڏندا آهن. ڊوڙندا ۽ ڀڄندا آهن ۽ رڙيون ڪندا آهن ۽ نمازن جي ادائيگي جي دوران اڪثر روئندا آهن جنهن

www.sukkurvi.com

سان مسجد ۾ گھڻو شور و گوڙ مچندو آھي ۽ مردن ۽ عورتن جي نماز ۾ تمام گھڻو خلل واقع ٿيندو آھي.

۲) گھڻا ٻار ۽ ڪجھ عورتون به مسجد ۾ پاڻي ڪرائي ڇڏينديون آھن، مسجد جي قالين کي خراب ڪري ڇڏينديون آھن. جنھن سان مسجد جي بي ادبي ۽ بي حرمتي ٿيندي آھي.

۳) اڪثر عورتون بي پرده ھونديون آھن ۽ عورتن جي مخصوص جاين ۾ نامحرم مردن کان پردي جو معقول انتظام نہ ھوندو آھي، جنھن جي ڪري چئن پاسن کان نامحرم مردن جي اچڻ وڃڻ جي ڪري بي پردگي ٿيندي آھي.

۴) حج جي موقعي تي ۽ رمضان جي آخري ڏھي ۾ جڏھن حج ۽ عمرو ڪرڻ وارن جي رش گھڻي وڌي ويندي آھي ۽ مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي ۾ نمازين لاءِ جاءِ نہ ھوندي آھي، اڪثر عورتون اُن وقت ۾ به مسجد ۾ ئي نمازون ادا ڪرڻ جو اھتمام ڪنديون آھن. ۽ رش جي ڪري پنھنجي مخصوص جاءِ تي پھچي نہ سگھنديون آھن تہ مردن سان گڏ ئي انھن جي صف ۾ بيھي ڪري نماز ادا ڪنديون آھن، جنھن جي ڪري حنفي مذھب جي مطابق ڪجھ مردن جي نماز فاسد ٿي ويندي آھي.

www.sukkurvi.com

۵)ڪجهه عورتون نماز جي دوران جاءِ جي ڳولا ۾ نامحرم مردن جي صفن جي وچ ۾ گهمنديون رهنديون آهن، جنهن ڪري هو پاڻ پريشان رهنديون آهن، ۽ ٻين جي نمازن ۾ گهڻو خلل واقع ٿيندو آهي.

۶)مسجدالحرام ۽ مسجد نبوي ۾ نمازون ادا ڪرڻ کان پوءِ گهڻيون عورتون مردن سان مسجد مان ٻاهر نڪرنديون آهن. ان سان نامحرم مردن سان عورتن جو زبردست اختلاط ٿيندو آهي، اهڙي صورت حال اڪثر پيش ايندي آهي.

مذڪور صورتِ حال ۾ ذڪر ڪيل فسادات جي هوندي عورتن جي لاءِ مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي ۾ عصر يعني وچين نماز جماعت سان ادا ڪرڻ جو ڇا حڪم آهي؟

## جواب:

مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره ۾ حج جي موقعي تي رمضان المبارڪ ۾ يا ٻين ڏينهن ۾ عورتن جي لاءِ مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي ۾ وچين نماز جماعت سان ادا ڪرڻ ضروري ناهي ۽ حج ۽ عمري جو حصو ناهي، بلڪ ٻنهي مسجدن ۾ عورتن جو جماعت سان نمازون ادا ڪرڻ جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو هن رسالي جي شروع ۾ تفصيل سان لکيو ويو آهي، جنهن جو خلاصو هيءُ آهي ته فرض نماز ۽ تراويح جي

www.sukkurvi.com

جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ عورتن جو عام مسجدن وانگر هنن مسجدن ۾ حاضر ٿيڻ بہ جائز ناهي. خاص ڪري سوال ۾ ذڪر ڪيل خرابين جي هوندي، انهن جي حاضر ٿيڻ جي ڪائي گنجائش ناهي. ان لاءِ انهن کي ان کان پرهيز ڪرڻ گهرجي تمام نمازون پنهنجي گهر ۾ ادا ڪرڻ گهرجن اهو ئي انهن لاءِ افضل آهي. ها عورتون مسجد الحرام ۾ عمرو ڪرڻ جي لاءِ يا طواف ڪرڻ لاءِ يا بيت الله جي زيارت لاءِ اچي سگهن ٿيون ۽ مسجد نبوي ۾ حضور پاڪ ﷺ جي خدمت ۾ صلاة و سلام پيش ڪرڻ لاءِ وڃي سگهن ٿيون ۽ انهيءَ دوران اتفاقًا ڪڏهن نماز باجماعت جو وقت ٿي وڃي ۽ انهن مسجد جي جماعت ۾ شريڪ ٿي نماز ادا ڪئي تہ ان شاء الله سندن نماز ٿي ويندي مگر مستقل طور تي عورتن جو جماعت سان نماز ادا ڪرڻ لاءِ هنن مسجدن ۾ حاضر ٿيڻ کان بچڻ گهرجي.

و صلى الله تعالى على النبي الكريم محمد و آله و اصحابه اجمعين و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العٰلمين

(فقيهالعصر) عبدالرئوف سکروي (صاحب)

١٦شعبان المعظم ١٣٢٢ھ بروزخميس



www.sukkurvi.com

# تَسْبِيحِ تَرَاوِيحِ

سُبْحَانَ ذِی الْمُلْکِ وَالْمَلَکُوْتِ

سُبْحَانَ ذِی الْعِزَّةِ وَالْعَظَمَةِ وَالْهَیْبَةِ

وَالْقُدْرَةِ وَالْکِبْرِیَاءِ وَالْجَبَرُوْتِ ط

سُبْحَانَ الْمَلِکِ الْحَیِّ الَّذِیْ لَا یَنَامُ وَ

لَا یَمُوْتُ ط سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ ط رَبُّنَا وَ

رَبُّ الْمَلٰٓئِکَةِ وَالرُّوْحِ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

نَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ وَنَسْئَلُکَ الْجَنَّةَ

وَنَعُوْذُبِکَ مِنَ النَّارِ ط

www.sukkurvi.com

# تَكۡبِيرَاتِ تَشۡرِيۡقِ

هي تڪبيرون عيدالفطر ۾ آهستي آواز سان ۽ عيدالاضحیٰ ۾ وڏي آواز سان عيد گاهه ڏانهن ويندي رستي ۾ پڙهڻ گهرجن.

اَللّٰهُ اَكۡبَرُ ط اَللّٰهُ اَكۡبَرُ ط

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ

اَكۡبَرُ ط اَللّٰهُ اَكۡبَرُ ط وَ

لِلّٰهِ الۡحَمۡدُ ط

www.sukkurvi.com

www.sukkurvi.com

سروري پرنٽنگ ايجنسي درگاه روڊ هالا 0333-2856099, 0333-2851185